SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2002

سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي پهرين شيڊول ۾ ترميم
Amendment in the First Schedule to Sindh Ordinance No.XII of 2000

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2002
سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH LAND TAX AND AGRICULTURAL INCOME TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[11 مئي 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.	مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement
(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ ربيع 2002_2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو.	
2. سنڌ لينڊ ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 جي پهرين شيڊول ۾، عنوان "چوٽ" هيٺان، جريان نمبر 1 جي سامهون نوٽ ۾، انگن "0_4" لاءِ لفظ "پارنهن" ۽ انگن "0_8" لاءِ لفظ "چوويهه" متبادل ٿيندا.	2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي پهرين شيڈول ۾ ترميم Amendment in the First Schedule to Sindh Ordinance No.XII of 2000

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي